عربيءَ مان ترجمو تيل آکاڻيون

ڍڳيءَ ڳڌھ
جي ڳالھ

مترجم

محمد قاسم سومرو

روشني

عربيءَ مان ترجمو ٿيل آکاڻيون

ڏيڍي ۽ گڏھ جي ڳالھ

۽ ٻيون آکاڻيون

مترجم

محمد قاسم سومرو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2003ع

Roshni Book No. 184

ڪتاب جو نالو: ڏيڳي ۽ گڏهہ جي ڳالهہ ۽ ٻيون آکاڻيون
مترجم: محمد قاسم سومرو

ڇاپو ٻيو: © روشني 2003ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

DAGHE AEEN GADHAHE JEE GHALH

(Short Stories)

by: **Muhammad Qasim Soomro**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

2nd Edition © Roshni 2003

اسٽاڪسٽ

شاهہ لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب، رابعہ اسڪوائر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعہ سينٽر - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
مولوي نذير احمد مهر، گول مسجد - سکر
ڪتاب مرڪز - فريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
مولانا عطاءُ الله تونيہ مدرسہ، سراج (محلو) پير شريف
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميہ لائبرري - ڪنڊيارو
مڪتبہ عثمانيہ چنيهاڻي - ڪنڊيارو

فهرست

1. ڪبوترن جي واپاريءَ جو قصو 4
2. ايماندارمالهي 8
3. ٻه آڙيون ۽ هڪ ڪمي 10
4. ڏيڍي ۽ گڏهه جي ڳالهه 12
5. ڪمزور لومڙ جي ڳالهه 14
6. هيرن جو هار ۽ خيانتي دڪاندار 17
7. فقير ۽ پئسن جي ڳوٿري 21
8. خيانت جو بدلو 25
9. لومڙيءَ جي چالاڪي 27
10. بي شڪر گڏهه 30

ڪبوترن جي واپاريءَ جو قصو

ڪنھن شھر ۾ ھڪڙو ماڻھو رھندو ھو. اھو ڪبوترن جو واپار ڪندو ھو. گھر ۾ ڪبوترن لاءِ، سھڻي ۽ سُنِي ڪُڏي ناھي ڇڏي ھئائين. جنھن ۾ ھميشه اَنَ جا داڻا ڇٽيل ھوندا ھئا ۽ پاڻيءَ جو پاٽڙو ڀريو پيو ھوندو ھو.

ھڪ ڏينھن اھو واپاري بازار مان ڇھ ڪبوتر خريد ڪري آيو. جن ۾ ٽي نر ھئا تہ ٽي ماديون ھيون. سيني کي ڪُڏيءَ ۾ آڻي ڇڏيائين. جتي ڪبوتر، مزي سان چوڳو ڪري زندگي گذاري رھيا ھئا. ڏينھن جو ڪُڏيءَ جو دَرُ کلندو ھو. ڪبوتر ٻاھر نڪري مٿي اڏامندا ھئا. بولاٽيون ۽ قلابازيون ڏيندا ھئا. ڪڏھن اُڏامندي ھيڏي ھوڏي، پري بہ ھليا ويندا ھئا.

ھڪ ڏينھن ڇا ٿيو جو ڇھئي ڪبوتر، جھنگ جي طرف اڏامي ويا. اتي ھنن ھڪ وڻ تي ٻيا ڇھ ڪبوتر ويٺل ڏٺا. جيڪي ڪجھ ڪمزور ۽ ڏٻرا ھئا. ھي گھر جا تاتيل ڪبوتر جھنگلي ڪبوترن سان مليا، پنھنجي ٻوليءَ ۾ ھڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيا. جھنگلي ڪبوترن چيو تہ: ھت جھنگ ۾

اسان کي کاڌو پيتو گهٽي رُلڻ. هلڻ بعد به وڏي مشڪل سان هٿ ايندو آهي. ان ڪري اسان ساڳاهيون ٿي ڪونه ٿا.

گهرو ڪبوترن چيو ته: اسان کي کاڌو ۽ پاڻي جام ٿو ملي، گهرڌڻي ڏاڍو سخي مڙس آهي: ڪُڏيءَ مان داڻا ڪٿندا ئي ڪونهن. دل تي چوڳو ڪيو، پاڻي پيو، ڏنڊ م لڳا وينا آهيون. اسان ته توهان کي به صلاح ڏينداسون ته، اسان سان گڏجي هلو. مزي سان ڪُڏيءَ ۾ رهو. مفت جو چوڳو گڏجي پيا چڳنداسين. بي فڪر زندگي پيا گذاريندا!سين، سهڻي ڪڏيءَ ۾ پيا رهنداسين.

جهنگلي ڪبوترن جو سخي مڙس جي ڪڏيءَ ۾ مفت جي کاڌي جو ٻڌو، سو سندن وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو ۽ هڪدم اوڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿيا. پوءِ ته ڇهئي جهنگلي ڪبوتر (جن ۾ ٽي نر هئا ۽ ٽي ماديون هيون) اُڏامي شام جو ڪڏيءَ وٽ اچي پهتا. گهر ڌڻيءَ جڏهن پنهنجن ڇهن ڪبوترن بدران ٻارهن ڪبوتر، گهر ۾ ڏٺا تڏهن ڏاڍو گدگد ٿيو. پوءِ ته ڪڏيءَ ۾ ضرورت آهر داڻو پاڻي به وڌائي ڇڏيائين.

هاڻي گهريلو ڪبوترن ۽ جهنگلي ڪبوترن پاڻ ۾ مِٽي مائٽي ڪئي. جهنگلي نر ڪبوتر، گهريلو مادي ڪبوترين سان جوڙيوال ٿي ويا ۽ جهنگلي ڪبوتريون، گهريلو نَر ڪبوترن سان جوڙيوال ٿي ويون. ڪجهه ڏينهن مس گذريا

تہ ڇهنئي مادين آنا لاٿا، جن مان ٻچا ڦٽا. ڪُڏيءَ ۾ چون چون پيا ڪن. آهستي آهستي وڏڙا ٿيندا پيا وڃن.

هڪ ڏينهن گهر ڌڻيءَ ڇا ڪيو، جو ڇهن ئي نَرَ ڪبوترن کي ڪُڏيءَ مان پڪڙي پاڻ سان ڪٺي ويو ۽ انهن کي بزار ۾ وڪڻي آيو. هوڏانهن ڪبوترن جي مادين ۽ ٻچن سڄو ڏينهن انتظارُ پئي ڪيو تہ ڪڏهن ٿا سندن ڪبوتر موٽن.

شام جو جڏهن گهر ڌڻي موٽي آيو ۽ ڪبوتر ڪونہ موٽيا، تڏهن مادي ڪبوترين پنهنجي نرن بابت ڪانئس پڇا ڪئي. هن ٻڌايو تہ: آءٌ انهن کي وڪڻي آيس، هاڻي اهي اصل نہ موٽندا. اهو ٻڌي ڪبوترين ۽ سندن ٻچن ۾ اچي روڄ راڙو پيو ۽ گهر ڌڻيءَ کي چيائيون تہ، توکي رحم نہ آيو جو اسان ڇهن ئي مادين کي بيوه ۽ ڪيترن ٻچن کي تو يتيم ڪري ڇڏيو.

گهر ڌڻيءَ وراڻيو تہ: آءٌ آهيان واپاري ماڻهو. توهان کي هيترو داڻو پاڻي بہ ان ڪري ڏيندو آهيان، جيئن ڪائي پي متارا ٿيو تہ آءٌ توهان کي وڪڻي پئسا ڪمايان. آءٌ اهڙو سخي مڙس ڪونہ آهيان، جو توهان کي مفت ۾ پيو ڪارايان ۽ پياريان.

اهڙو جواب ٻڌي ڪبوتريون ماٺ ٿي ويون. پوءِ جڏهن سندن ٻچا وڏڙا ۽ اڏامڪ ٿيا، تڏهن هڪ ڏينهن سڀ

ڪبوتريون ۽ ٻچا پڙڪو ڏئي گهر مان اُڏاڻا ۽ وڃي جهنگ ۾ رهيا، پاڻ ۾ چيائون پئي تہ: اهڙو سک جو ڪاڏو ڪهڙي ڪم جو، جنهن ۾ اسان جي آزادي ختم هجي ۽ حياتي پرائي هٿ هجي. هت جهنگ ۾ ڀلي ڏک ڏسڻا پون، جهڙيءَ ڦڙيءَ ۾ ڀلي تہ ڪو اجهو نہ هجي، گهڻي محنت ڪان پوءِ ڪٽان داڻو هٿ اچي. پر اسان ڪي آزادي تہ هوندي! ڀلي بک پرم جي شال نہ وڃي شان.

ايماندار مالهي

آڳاٽي زماني جي ڳالھ ٿا ڪن تہ: يوسف نالي ڪو بادشاھ مغرب جي ڪنھن ملڪ تي حڪومت ڪندو هو. هو اهڙو تہ ايماندار ۽ ڀلارو هوندو هو جو، ملڪي خزاني مان ڀڳهار وٺندو ئي ڪونہ هو. پر ڪجھ ۽ پيس مان ٽڏا ٽونريون ٺاهي، وڪڻي پيو گذر ڪندو هو.

الله جي قدرت جو اهو بادشاھ بيمار ٿي پيو. پوءِ تہ نہ رهيس بخت ڀاڳ ۽ نہ بچيس ملڪ ماڳ. علاج سانگي هتان جو هتي هلندي، اچي شام ملڪ جي دمشق شهر ۾ پهتو. اتي ڦڪين فرق ڪيس، علاج اثر ڪيو. هو چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويو. پر فقيراڻا حال هئس، غريبي ۽ مسڪينيءَ ۾ وقت پئي گذاريائين.

اتي خيال آيس تہ، ڇو نہ ڪنهن باغ تي مزدوري ڪري روزگار ڪمايان. محنت ڪندس تہ گنج ٿي پوندا. ڏنڌي ۽ مزدوريءَ جي ڳولا ڪندي، هن کي بادشاھ نور الدين وٽ نوڪري ملي وئي. هو باغ لاءِ چوڪيدار ۽ مالهي مقرر ٿيو. يوسف کي نوڪري ڪندي ڇھ مهينا ٽپي گذريا،

تڏهن بادشاهہ نور الدين پاڻ پنهنجو باغ گهمڻ آيو. يوسف کي چيائين تہ: هڪڙو پڪل ڏاڙهون پٽي اچ! يوسف چوڪيدار ويو ۽ هڪڙو ڏاڙهون پٽي آيو. بادشاهہ جڏهن ڏاڙهون ڪپيو، تڏهن اهو کٽو ٽِڙُهہ نڪتو. يوسف کي چيائين تہ: ٻيو ڪو پڪل ۽ منو ڏاڙهون پٽي اچ. حڪم مطابق يوسف ٻيو ڏاڙهون آڻدو، پر اهو بہ کٽو ٽڙهہ نڪتو.

اهو حال ڏسي نور الدين بادشاهہ جي ڪنهن وزير، يوسف چوڪيدار کي چيو تہ: تون هيترو وقت هن باغ ۾ رهيو آهين، توکي اها بہ خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڏاڙهون منو ڪهڙو ٿيندو آهي ۽ کٽو ڪهڙو ٿيندو آهي؟

يوسف وراڻيو تہ، سائين! آءٌ تہ رکو باغ جو چوڪيدار ۽ مالهي آهيان، سچ پڇو تہ: مون اڄ تائين هن باغ جو ڪو ڏاڙهون يا ڪو ٻيو ميوو نہ ڪاڏو آهي، نہ چکيو آهي. مون کي نوڪري ڏاڙهن ڪائڻ لاءِ ڪانہ ملي آهي، تہ آءٌ بنا اجازت جي پرائو ڏاڙهون ڪيئن چکان؟

يوسف جا اهي اکر ٻڌي، بادشاهہ نور الدين هن کي پنهنجي پرسان ويهاريو ۽ وڏي عزت ڪيائينس. چون ٿا تہ: حال احوال پڇڻ کان پوءِ بادشاهہ نور الدين هن مالهيءَ کي سڃاتو تہ، هيءُ ڪڏهن ڪنهن ملڪ جو بادشاهہ هو. پر اڄ هن جا هي حال ٿيا آهن. پوءِ تہ، پاڻ وٽ صلاحڪار ڪري رکيائينس. پنهنجو خاص مشير ڪٽي بنائينس.

ٻه آڙيون ۽ هڪ ڪُمي

ڪنهن وڏي ۽ ڪشادي ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جا پکي ۽ پاڻيءَ جا جانور رهندا هئا. اتي رهندي ٻن آڙين ۽ هڪ ڪميءَ جي پاڻ ۾ ياراني ٿي وئي. اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ سال مينهن ڪونه وسيو ۽ ڍنڍ جو پاڻي سُڪڻ لڳو. پاڻيءَ گهٽجڻ سبب ڪيترائي پکي ڍنڍ کي ڇڏي ٻي ڪنهن وڏي ڍنڍ ڏانهن وڃڻ لڳا.

هڪ ڏينهن ٻن آڙين گڏجي پنهنجي ساهيڙيءَ ڪُميءَ کي چيو ته: هن ڍنڍ جو پاڻي سڪندو ٿو وڃي. هاڻي اسين هت وڌيڪ رهي نٿيون سگهون. ڪنهن ٻي ڍنڍ ڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي. تو کان موڪلائڻ آيون آهيون.

ڪميءَ آڙين کي چيو ته: توهان جي وڃڻ کان پوءِ، آءٌ ٻه هت رهي ڇا ڪنديس. مون کي ٻه ڪهڙو سک ايندو؟ ۽ منهنجو گذر به ته پاڻيءَ تي آهي. پر قدرت وارَي قادر توهان کي پر ڏنا آهن. آسانيءَ سان اڏامي سگهو ٿيون. آءٌ پريشان آهيان، ته ڇا ڪريان. ٻيءَ ڍنڍ تائين ڪيئن پهچان؟ نه اڏامي سگهان، نڪو تکڙو ئي هلي سگهان.

ڪميءَ جا اهڙا ٻول ٻڌي، آڙين چيس ته: ادي! تون

گهبراءِ نه، اسان توکي به ساڻ وٺي هلڻ لاءِ سوچيون ٿيون. پوءِ ته، آڙين پاڻ ۾ صلاح ڪري ڪميءَ کي چيو ته: اسان هڪ سنهي ڪاني آڻيون ٿيون. تون ڪانيءَ جي وچ ۾ چڪ هڻي، قابو جهلي ويهه. پوءِ اسان ٻئي ڄڻيون، ڪانيءَ کي چنبن ۾ جهلي مٿي اُڏامنديونسين. اهڙيءَ طرح توکي به پاڻ سان وٺيو هلنديونسين. پر تون وات تي اڪر به نه ڳالهائجانءِ نه ته ڪِري پوندينءَ. پوءِ ته ڪُميءَ آڙين جي اهڙي صلاح سان اتفاق ڪيو ۽ هنن جا ٿورا مڃڻ لڳي.

جڏهن ان صلاح مطابق آڙيون ڪميءَ کي کڻي اڏامڻ لڳيون ۽ ڪنهن ڳوٺ جي مٿان لنگهيون. تڏهن ڳوٺ جي ٻارن، اڏامندڙ آڙين ۽ تنگيل ڪُميءَ کي ڏٺو، پوءِ ته هڪ ٻئي کي سڌي مٿي اشارا ڪري چيائيون پئي ته: هُو ڏسو، ڪهڙو نه عجيب لقاءُ آهي؟ ڪيئن نه ٻه آڙيون ڪميءَ کي کنيو ٿيون وڃن.

ٻارن جو اهڙو چوٻول ٻڌي ڪُميءَ کان وڌيڪ ماٺ ٿي نه سگهي ۽ چوڻ لڳي ته: اسان جي پاڻ ۾ دوستي آهي. توهان جو ڇا ويو. پر جيئن ئي ڳالهائڻ لاءِ وات پٽيائين، تيئن ڪانيءَ مان چڪ ڇڏائجي ويس ۽ هيٺ اچي ڦهڪو ڪيائين. پوءِ ته ٻارن ڪميءَ سان راند ڪندي هن کي ماري ڇڏيو. ڏسو ته ڪمي جيڪڏهن سنگت جي صلاح موجب ماٺ ڪري هلي ها، ته وڃي ڪنهن ڍنڍ تائين به پهچي ها. پر اجايو ڳالهائي، جان وڃايائين.

ڍڳي ۽ گڏھ جي ڳالھ

ڳالھ ٿا ڪن تہ: ڪنهن هاريءَ جي گهر ۾ هڪ گڏھ ۽ هڪ ڏاند گڏ رهندا هئا. ان گهر ۾ جاندرھ هوندي هئي. جنهن تي اٺو پيهندا هئا ۽ ان ۾ ڏاند کي ٻڌندا هئا. هڪ ڏينهن ڏاند گڏھ کي چيو تہ يار! سڄو ڏينهن جاندرھ ۾ وهندي وهندي ڏاڍو ٿڪجي ٿو پوان. اهڙي ڪا اٽڪل ڏس! جيئن جاندرھ مان جان ڇٽي، ڪو سک جو ساھ کڻان.

گڏھ چيس تہ: ڳالھ بہ ايتري؟ هيئن ڪر! جو سڀاڻي بيماريءَ جو بهانو ڪري گاھ نہ کاءُ اوڳر نہ ڪر! تہ توکي جاندرھ ۾ ڪونہ ٻڌندا. پوءِ گڏھ جي صلاح موجب ڏاند ائين ڪيو. گاھ کائڻ ۽ اوڳر ورائڻ ڇڏي ڏنائين.

چون ٿا تہ: ان گهر جو مالڪ هاري، جانورن جون ٻوليون ڄاڻندو هو. تنهن گڏھ جي ڏنل صلاح ٻڌي پئي. سو ڇا ڪيائين جو ڏاند کي ڇڏي، ان جي بدران گڏھ کي ڪٽي ساڳي جاندرھ ۾ ٻڌائين. پوءِ تہ سڄو ڏينهن گڏھ پئي هليو، جاندرھ ۾ پئي ڦريو. نيٺ دل ۾ سوچيائين تہ: مون ڏاند کي خير خواهيءَ جو ڏس ڏنو، پر هاڻي تہ آءٌ ڦاسي ويس.

شام جو گڏھہ جانڊھہ مان چڙي، اچي آھُر تي ٻڌل ڏاند سان مليو. ڏاند حال احوال پڇيس تہ يار! ڪر خبر اڄوڪو ڏينهن ڪيئن گذريو. آءٌ تہ سڄو ڏينهن آرام ۾ هوس. گڏھہ چيس تہ آءٌ جانڊھہ ۾ وهي آيس. پر گھر ڌڻي (هاري) چوي پيو تہ: ڏاند بيمار آهي، چاڪ نہ ٿيو تہ سياڻي کُھي چڙيندوسانس، متانِ مري نہ وڃي. ٿئي نہ مُردار.

اهو احوال ٻڌي ڏاند ڪَن اُپڙا ڪيا ۽ چيائين تہ سياڻي ڪانوڻي آءٌ چاڪ آهيان، باقاعدي گاھہ پَنو کائيندس. چو تہ ڪُسَڻ کان جانڊھہ ۾ وهڻ آسان آهي. هوڏانهن گھر ڌڻي ٻنهي جانورن جا احوال ٻڌي کلي رهيو هو.

ڪمزور لومڙ جي ڳالھ

ڳالھ ٿا ڪن تہ: آڳاٽي زماني ۾ ڪنھن ملڪ ۾ ھڪڙو واپاري رھندو ھو. ڏاڍو ايماندار، سچار ۽ پلو ماڻھو ھوندو ھو. سندس واپار ٻاھرين ملڪن سان ھلندو ھو. ان کي ھڪ پٽ بہ ھئو. اھو بہ نھايت سلڇڻو، سدورو ۽ چئيدار ھو.

جڏھن واپاري پوڙھو ٿيو ۽ سندس پٽ جوان ٿيو، تڏھن واپاريءَ پٽ کي چيو تہ ابا! ھاڻي آءٌ سفر ڪرڻ جھڙو نہ آھيان. تون بہ جوان ٿيو آھين. سامان تيار ڪري، قافلو ڪاھي، ڪنھن نہ ڪنھن ملڪ ڏانھن واپار لاءِ وڃ. لوچڻ اسان جو ڪم آھي، رزق ۾ برڪت الله تعاليٰ وجھندو.

پيءُ جي حڪم مطابق سلڇڻو پٽ قافلو تيار ڪري، نوڪر، چاڪر ساڻ وٺي سفر تي روانو ٿيو. ان زماني ۾ لاريون، موٽرون، ٽرڪون ۽ ٽياليون ڪونہ ھيون. ان ڪري ائن ۽ گھوڙن تي چڙھي سفر ڪندا ھئا. ھيءُ واپار جو قافلو بہ ائن ۽ گھوڙن تي سفر ڪري رھيو ھو.

سفر ڪندي ڪندي واپاريءَ جي پٽ کي ڪنھن جھنگل ۾ رات پئجي وئي. اتي ئي تنبو کٽي ھنياٽون،

اتفاق اھڙو ٿيو جوَ تنبوءَ جي پرسان لومڙ جي ڏر ھئي. ڏنائون تہ ڏر ۾ ھڪ پوڙھو، ھيٺو، ڏبرو لومڙ وينو آھي. واپاريءَ جي پٽ دل ۾ سوچيو تہ: ھي ڪمزور ۽ پوڙھو لومڙ ڊُڪي ڊوڙي بہ ڪونہ سگھندو ۽ شڪار بہ ھن کان نہ ٿي سگھندو، تہ پوءِ ھيءُ ويچارو لومڙ پيٽ ڪيئن پاليندو ھوندو.

گھڙي نہ گذري تہ، ھڪڙو طاقتور شينھن جھنگل مان ڪو جانور شڪار ڪري گھلي آيو ۽ لومڙ جي ڏر کان ٿورو پريرو ويھي کائڻ لڳو. ان شڪار جو ڪجھہ حصو بچائي، شينھن ڏوَ ڪري گجگوڙ ڪندو ھليو ويو. شينھن جي غائب ٿيڻ کان پوءِ ڪمزور لومڙ ڏرِ مان نڪتو. رڙھي وڃي شڪار تيل جانور جي بچيل حصي وٽ پھتو. گوشت کائي پيٽ پري، واپس وڃي ڏر ۾ وينو.

اھو لقاءُ واپاريءَ جي پٽ ڏٺو پئي. پوءِ تہ دل ۾ سوچڻ لڳو تہ: الله تعاليٰ ھرھڪ کي رزق رسائيندڙ آھي. اھو اھڙو مھربان آھي جو ھن ڪمزور لومڙ کي گھر ويٺي رزق رسائي ٿو. تہ پوءِ آءٌ ٻاھر ڇو ٿوَ وڃان؟ ڇو ٿو محنت ڪريان؟ اسان کي بہ الله تعاليٰ گھر ويٺي رزق پيو پھچائيندو. اھو سوچي ھو قافلو موٽائي پيءُ وٽ اچي پھتو ۽ ڪيس واپسيءَ جو سربستو احوال ٻڌايائين.

پٽ جا احوال ٻڌي، پيءُ چيو تہ، پٽ! اھو سچ آھي

تہ: الله تعاليٰ هرهڪ کي رزق رسائيندڙ آهي. پر مون توکي ٻاهر واپار لاءِ هن ڪري پٺي موڪليو تہ: تون شينهن وانگر محنت ڪري ڪماءِ! جيئن ٻيا ڪمزور تنهن جي ڪمايل روزيءَ مان پيٽ پالين ۽ توکي دعائون ڪن.

پيءُ جو اهو نُڪتو ٻڌي، پٽ ٻيهر قافلو ڪاهي روانو ٿيو ۽ سڄي زندگي محنت سان حلال جي روزي ڪمائيندو رهيو ۽ ڪمائيءَ مان هيٺن، ڪمزورن جي دل کولي مدد ڪندو رهيو.

هِيرن جو هار ۽ خيانتي دڪاندار

هيءَ ڳالهہ ان زماني جي آهي، جڏهن بغداد تي عَضدُ الدّوله نالي هڪ عادل بادشاهہ حڪومت ڪندو هو. ان زماني ۾ هڪڙي ماڻهوءَ وٽ قيمتي هيرن جو هار هئو، جيڪو لک لهندو هو. اهو ماڻهو، پنهنجو هار کپائڻ لاءِ بغداد شهرَ ۾ آيو. پر هن کي ڪوبہ گراهڪ ڪونہ مليو. پوءِ ڇا ڪيائين جو، هڪڙي دڪاندار وٽ آيو ۽ کيس چيائين تہ: آءٌ حج تي ٿو وڃان. تيسين منهنجو هيءُ هار پاڻ وٽ امانت رک! واپس اچي پنهنجي امانت ڪٺندس. دڪاندار هار وٺي رکيو ۽ هو ماڻهو حج تي هليو ويو. واپسيءَ تي هو دڪاندار لاءِ ڪو تحفو وغيره بہ وٺيو آيو.

هار جو مالڪ جڏهن حج ڪري موٽيو، تڏهن دڪاندار وٽ آيو ۽ آندل تحفو بہ ڏنائينس، تڏهن دڪاندار پڇيس تہ: تون ڪير آهين؟ مون وٽ ڇو آيو آهين؟ هن ماڻهوءَ وراڻيو تہ: آءٌ هار جو مالڪ آهيان. جيڪو تو وٽ امانت رکي ويو هوس. اڄ امانت واپس وٺڻ لاءِ آيو آهيان. تون مون کي ڪونہ ٿو سڃاڻين ڇا؟

اھو ٻڌي دڪاندار ھن ماڻھوءَ کي ڏاڍا ڳالھوَ ڏنا ۽ ڌِڪا تيلھا ڏئي، دڪان تان لاھي ڇڏيو. چيائينس تہ: ڇا جو ھار! ڇاجي امانت! آءٌ توکي سڃاڻان ئي ڪونہ ٿو.

جڏھن لُڙُ وَڌي ويو، تڏھن ڪيترا ماڻھو اتي اچي گڏ ٿيا. ھرڪو پڇي رھيو ھو تہ: ڇا ڳالھ آھي؟ پوءِ تہ حاجي سڳورو ٻڌايو تہ: مون ھن دڪاندار وٽ ھار امانت رکيو ھو پر اِچ انڪار ٿو ڪري. اتي ماحول اھڙو ھو جو، ھرھڪ شخص، ھار جي مالڪ کي ملامت پئي ڪئي ۽ دڪاندار کي سيڪو صحيح ڇئي رھيو ھو. اھڙو حال ڏسي، ھار جو مالڪ ڏاڍو پريشان ٿيو. ھن کي ڪا سمجھ ڪانہ پئي آئي تہ ھاڻي ھو ڇا ڪري.

نيٺ ڪنھن سياڻي ماڻھوءَ سان صلاح ڪيائين. تہ مون کي ڇا ڪرڻ گھرجي؟ ان صلاح ڏنس تہ: تون بادشاھ عَضدُ الدولہ کي وڃي دانھن ڏي. ھو نھايت داناء ۽ نيڪ دل، عدل انصاف وارو بادشاھ آھي، تنھن جو ڪم اتان ٿي ويندو. پوءِ تہ اھو ماڻھو بادشاھ وٽ وڃي نڪتو ۽ ھار جي سڄي حقيقت وڃي ٻڌايائينس.

بادشاھ ڪجھ سوچي، ھُن ماڻھوءَ کي چيو تہ: تون ھيئن ڪر! جو، ان دڪاندار جي دڪان ڪان ٻاھر روزانہ وڃي ويھندو ڪر! ۽ بہ ٽي ڏينھن لاڳيتو اٿين ئي ڪجانءِ! دڪاندار سان ھار بابت ڪابہ ڳالھ تون نہ ڪيجانءِ! ڇوٿين

ڏينھن آءٌ پاڻ اتان اچي لنگھندس توکي سلام ڪندس ۽ تون سلام جي جواب ڪان سواءِ ڪجھ نہ چئجانءِ! البت جڏھن آءٌ اتان لنگھي وڃان، تڏھن گھڙي ڪن رڪي. دڪاندار وٽ وڃي پنھنجي ھار جي ڳالھ ڪيجانءِ! پوءِ ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي. اھو احوال مون کي اچي ٻڌائجانءِ!

بادشاھ جي مشوري مطابق، ھار جي مالڪ ائين ئي ڪيو. روزانہ اچي دڪان جي ٻاھران ويھندو ھو. نيٺ چوٿين ڏينھن، بادشاھہ عضد الدوله. شاھي سواريءَ تي چڙھي، نوڪرن چاڪرن سميت اتان اچي لنگھيو.

بادشاھ جڏھن، ھن ماڻھوءَ کي دڪان جي ٻاھران ويٺل ڏٺو، تڏھن سلام ڪيائينس. ھن بہ وعليڪم السلام چيو ۽ پنھنجي جاءِ تان چُريو ئي ڪونہ. پوءِ بادشاھ چيس تہ: دوست! توھان سفر تان ڪڏھن موٽيا آھيو! ڪا ڪاوڙ آھي ڇا جو مُنھن ڏيکارڻ، ڪچھري ڪرڻ بہ ڪونہ ٿا اچو. ائين وساريندا تہ نہ ڪريو. ڪو ڪم ڪار ھجي تہ حڪم ڪجو، آءٌ حاضر آھيان.

ھن ماڻھو چيو تہ: توھان وٽ حاضر ٿيڻ جو اتفاق نہ ٿيو آھي، وقت مليو تہ حاضري ڏيندس. اھا ڳالھ ٻولھ ھو دڪاندار ٻڌي رھيو ھو. جڏھن ڏٺائين تہ: بادشاھ سلامت ھن ماڻھوءَ جو اھڙو گھرو دوست آھي، جو ٻيھي ساڻس حال احوال ٿو ڪري ۽ ڪم ڪار ٿو پڇي. تڏھن اندر ۾

سستي وڏي ويس ۽ دل ۾ چوڻ لڳو تہ: اڄ منهنجو خير ڪونهي.

جڏهن بادشاهہ اتان هليو ويو، تڏهن دڪاندار هن همراهہ وٽ ويو. چيائينس تہ: ادا! تو ڪڏهن هار مون وٽ رکيو هو. اهو چا ۾ پيل آهي. پار پتا پورا ٻڌاءِ، تہ آءٌ تجوڙي ۾ ڳولي ڏسان. متان ليي پوي! مون کان تہ ڳالهہ ئي وسري وئي آهي. اهو ٻڌي هن ماڻهوءَ هار جا پار پتا ٻڌايس. پوءِ تہ دڪاندار ويو ۽ تجوڙيءَ مان هڪ ڳوٿري ڪڍي. ان مان دٻليءَ ۾ پيل هار اچي هار جي مالڪ کي ڏنائين ۽ چيائينس تہ: آءٌ آهيان ويسارو. اڄ توهان ياد ڏياريو آهي، تڏهن مس مس هار ياد آيو اٿم. تڪليف معاف ڪجانءِ.

اهو ماڻهو هار وٺي بادشاهہ وٽ وڃي پهتو. ان کي سربستو احوال ڪري ٻڌاياٿينس، پوءِ تہ بادشاهہ عضد الدوله دڪاندار کي گهرايو ۽ اهو هار هن جي ڳچيءَ ۾ پارائي، عوام آڏو ڦاسيءَ چاڙهاياٿينس. پوءِ شهر ۾ پڙهو ڏيارياٿين تہ: اسان جي بادشاهيءَ ۾ جيڪو بہ امانت ۾ خيانت ڪندو، ان جو حال اهڙو ٿيندو.

فقيرِ پئسن جي ڳوٿري

هڪڙو هو سيٺ. ان جي پئسن جي ڳوٿري ڪٿي ڪِري پئي. جنهن ۾ اڌ لک روپيا هئا. پوءِ تہ شهر ۾ پڙهو ڏياريائين تہ: جنهن ڪي بہ پئسن جي ڳوٿري هٿ اچي تہ فلاڻي سيٺ کي ڏئي وڃي.

هوڏانهن ڇا ٿيو جو، ڪو ايماندار فقير رستو وٺيو پئي ويو تہ پئسن جي ڳوٿري ان کي لڌي. ڳوٿري جيئن هئي، تيئن آڻي پنهنجي گهر رکيائين. هن ڪولي بہ ڪانہ ڏٺي تہ ڇا اٿس. ڳوٿري گهر رکي بزار هليو ويو. اتي وڃي پئسن جي ڳوٿريءَ بابت پڙهو ٻڌائين. پوءِ تہ هلي وڃي پڙهي ڏيندڙ کان ڳوٿريءَ جا پار پتا پڇيائين. هن جيڪي نشان ڳوٿريءَ جا ٻڌايا، اهي لڌل ڳوٿريءَ سان بلڪل پورا هئا. فقير ٻڌايس تہ: اها ڳوٿري مون لڌي آهي. هل تہ ڏيانءِ! ائين چئي هن کي گهر وٺي آيو ۽ ڳوٿري امانت باسلامت ڪڍي ڏنائينس.

پڙهي ڏيندڙ ڏٺو تہ: هيءُ ماڻهو ٻہ مسڪين ۽ فقير آهي. ڪپڙا بہ ڦاٽل اٿس. گهر بہ پورو نهيل ڪونہ اٿس.

پوءِ به هن هيترا لڏل پئسا واپس ڪيا آهن. سو اهڙي ايماندار ماڻهوءَ کي ڪجهه نه ڪجهه انعام ڏيڻ گهرجي. پر جيئن ته ڳوٿري پئي سيٺ جي هٿي. تڏهن فقير کي چيائين ته: تون مون سان گڏجي هل ته: توکي سيٺ کان ڪجهه انعام وٺي ڏيان.

فقير وراڻيو ته: آءٌ انعام ڇاجو وٺان؟ آءٌ ته خوش آهيان ۽ شڪر ٿو ڪريان، جو پرائي شيءِ جو مالڪ ملي ويو. نه ته آءٌ پرائي امانت سبب ڪيترو پريشان ٿيان ها! پرائي ڳوٿري آءٌ ڪاڏي ڪريان ها! پر پوءِ به پڙهي ڏيندڙ اصل نه ڇڏيس ۽ منٿ ڪري فقير کي سيٺ وٽ وٺي وڃي پهتو.

اهو سيٺ وري اهڙو ڪنجوس، مکي چوس ۽ لالچي هئو، جو انعام جو اکر ٻڌي، ويتر اچي ڪاوڙيو ۽ پئسن جي ڳوٿري وٺي، ان کي کولي پئسا ڳڻڻ لڳو. پوءِ ڪوڙ هڻي فقير کي چيائين ته: هن ڳوٿريءَ ۾ منهنجا ست هزار روپيا هئا ۽ هينئر رڳو پنجاهه هزار روپيا پيا آهن ۽ ٻيا پئسا ڪاڏي ويا. اهي به آڻي ڏي نه ته توکي جيل ۾ وجهرائيندس.

سيٺ جا اهي اکر ٻڌي، ويچارو فقير اچي ڦاٿو. انعام ته ويس وسري، ويتر جيل جو دڙڪو ٻڌي، ڳڻتين ۾ پئجي ويو. هن ويچاري ته ڳوٿري کولي ئي ڪانه هئي، تنهن کي ڪهڙي خبر ته: ڳوٿريءَ ۾ ڪيترا پئسا هئا. مطلب ته مُنجهي ٻيهي رهيو.

پوءِ چا ٿيو، جو اهو سيٺ پئسن واري ڳوٿري کڻي، هن فقير کي وني، قاضيءَ وٽ وڃي پهتو. ان کي دانهن ڏنائين تہ: منهنجي پئسن جي ڳوٿري گم ٿي وئي هئي جيڪا هن فقير لڌي آهي ۽ مون کي واپس ڪئي اٿس. پر ڳوٿريءَ ۾ منهنجا سٺ هزار روپيا هئا ۽ هاڻي هن ۾ پنجاهہ هزار روپيا پيل آهن. هن ڪان مون کي ڏهہ هزار روپيا ونرائي ڏيو.

هوڏانهن قاضي سياڻپ سان سمجهي ويو تہ: هي فقير سچ ٿو ڳالهائي ۽ هيءُ سيٺ ناحق هن فقير کي ڦاسائي رهيو آهي. هن وڏي لالچ ۾ منهن وڌو آهي. تڏهن قاضي صاحب سيٺ کي چيو تہ: آءٌ سمجهان ٿو تہ: تون بہ بلڪل سچ ٿو ڳالهائين تہ تنهنجي ڳوٿريءَ ۾ سٺ هزار روپيا هئا ۽ ڏسان پيو تہ هيءُ فقير بہ ڪوڙ ڪونہ ٿو ڳالهائي ۽ هن ڳوٿري کولي بہ نہ ڏٺي آهي.

هاڻي فيصلو هيءُ آهي تہ: اها ڳوٿري فقير کي موٽائي ڏي تہ هو وري وڃي ساندي رکي ۽ جڏهن بہ ان جو مالڪ هٿ اچيس تڏهن ان کي باامانت موٽائي ڏئي ۽ تون سٺ هزار روپين واري ڳوٿري ٻئي هنڌ وڃي ڳول، جڏهن بہ هٿ اچي تہ پلي ڪڻ.

اهڙو فيصلو ٻڌي لالچي سيٺ چيو تہ: منهنجي ڳوٿريءَ هي آهي. قاضيءَ چيس تہ: نہ، تنهنجي ڳوٿري

سٺ هزار روپين واري آهي. جڏهن سيٺ وڏيڪ لڙ ڪيو، تڏهن قاضيءَ نوڪرن کي حڪم ڪري، پئسن جي ڳوٿري سيٺ کان ڦري، فقير کي ڏني. هن کي مار ڪڍي ڪورٽ مان هٿين خالي ڪيرائي ڇڏيائين.

ڏسو ته لالچي سيٺ کي بي ايمانيءَ جي ڪهڙي نه سزا ملي. جو پئسن کان ئي محروم ٿي ويو.

خيانت جو بدلو

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو واپاري رهندو هو. اهو واپار سانگي ٻاهرئين ملڪ ڏانهن تيار ٿيو. پوءِ چا ڪيائين جو، ڪجهہ لوهہ جا ٽيئر پاڙيسريءَ وٽ امانت رکي ويو. جڏهن واپاري سفر تان موٽيو ۽ پاڙيسريءَ کان امانت واپس وٺڻ ويو. تڏهن هُن چيس تہ: دوست! اسان جي گهر ۾ ڪُئا گهڻا آهن، سو تو وارا ٽيئر ڪئا کائي ويا.

واپاريءَ مرڪندي وراڻيو تہ: ڪُئا ڏاڍا ڏنگا جيئبا جو لوهہ مان بہ نہ مڙيا آهن. ڀلا کائي ويا تہ ڪو فڪر ڪونهي. آءٌ ٻيا ٽيئر ٺہ وٺي اچان. اهو ٻڌي پاڙيسري ڏاڍو خوش ٿيو جو سندس ڳالهايل ڪوڙ تي واپاري اعتبار ڪري هليو ويو. ٽيئر بہ ڦٻي ويا.

ٻہ چار ڏينهن گذريا تہ، ساڳئي پاڙيسريءَ جو ڇوڪرو واپاريءَ کي هٿ اچي ويو. پوءِ تہ ڇوڪر کي ڪٿي لڪائي آيو. هوڏانهن ڇوڪر جو پيءُ پٽ کي ڳوليندو رهيو ۽ نيٺ وڃي واپاريءَ کان پڇيائين تہ: منهنجو پٽ ڪٿي ڏٺئي؟ واپاريءَ وراڻيو تہ: ڪالهہ ڏٺم تہ هڪڙو باز جهاتو

هٽي، ڇوڪر کي مٿي ڪٽي اڏامي ويو. مون گهٽئي هڪليومانس، پر باز نه مڙيو ۽ ڇوڪر کي ڪٽي ويندو رهيو. آءٌ سمجهان ٿو ته: اهو تو وارو ئي ڇوڪر هئو.

اهو ٻڌي هن ماڻهوءَ ٻين ماڻهن کي چيو ته: ٻڌو ٿا. ڪڏهن باز به ڇوڪري کي ڪنيو ۽ ڪٽي اڏامي به ويو!! اتي واپاريءَ ڳالهايو ۽ چيائينس ته: جنهن ملڪ جا ڪُئا، لوهه جا تيئر کائي ٿا وڃن، ته اتي جا باز هاتيءَ کي به ڪٽي ويندا.

اهو ٻڌي پاڙيسري سڀ ڪجهه سمجهي ويو ۽ واپاريءَ کي چيائين ته: ائين آهي ته پوءِ، تنهنجا تيئر محفوظ پيا آهن، هلي ڪٽائي اچ ۽ منهن جو ڇوڪرو مون کي موٽائي ڏئي. واپاريءَ وراڻيو ته: نيڪ آهي. اهو سودو مون کي به قبول آهي. چوندا آهن ته: چَڪرِ کي پڇي لَترُ. هِت به ائين ئي ٿيو.

لومڙيءَ جي چالاڪي

هڪڙو شڪاري ۽ سندس زال جبلن ۾ ننهيل ڪچي گهر ۾ رهندا هئا. ان شڪاريءَ هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي، لومڙيءَ کي پڪڙيو ۽ ڳچيءَ ۾ رسو ڪٽي وڌائينس. جيتوڻيڪ لومڙي جلال جانور ناهي، پر پوءِ به شڪاري لومڙيءَ کي پنهنجي گهر ڏانهن ڪاهي وڃي رهيو هو.

واٽ تي لومڙيءَ چيس ته: توکي خبر آهي ته: آءٌ جادوءَ جي لومڙي آهيان، آءٌ آسمان مان لٿي آهيان. تون جيڪڏهن منهنجي ڳچيءَ مان رسو ڪڍي ڇڏيندين ته آءٌ تنهنجو مطالبو پورو ڪنديس. پر تون به تڪڙ نه ڪجانءِ. وڃي پنهنجي زال کان پڇي اچ ته ان جي ڪهڙي طلب ۽ تمنا آهي ته آءٌ جادوءَ سان اهو مطالبو هڪدم پورو ڪريان. اچ وقت اٿوَ. جيئن چوندؤ تيئن ٿي پوندو. اهي اکر ٻڌي، شڪاريءَ لومڙيءَ مان رسو ڪڍيو ۽ چيائينس ته: تون اتي بيهه ته آءٌ زال کان پڇي اچان.

لومڙيءَ کي اتي ڇڏي، همراهه ڊوڙندو زال وٽ آيو. هن کي احوال ٻڌايائين ته: هن طرح جادوءَ جي لومڙي

قاسايم. اھا چوي ٿي تہ: توھان جو ڪوبہ مطالبو ھجي تہ آءٌ ھڪدم پورو ڪريان. زال وراڻيو: واھ واھ! اڄ تہ اسان جا ڀاڳ ڪليا آھن. آءٌ اول تہ ھڪ پڪي ماڙي ٿي چاھيان. ھيءَ ڪچڙي جھوپڙي ڪنھن ڪم جي ڪانھي، ھن ۾ ڪو سک ڪونھي. ھت پڪي ماڙي ھجي تہ ڪھڙو نہ مزو ٿي پوي! پوءِ تہ باھ جي اُماڙي ڪٽي، جھوپڙيءَ کي ساڙي، خاڪ ڪري ڇڏيائين. جيئن ان جاءِ تي جادوءَ جي لومڙيءَ کان ماڙي جوڙائي سگھن.

ھاڻي مڙس زال کي چيو: اڄ تہ ٻئي ڄڻا گڏجي، لومڙيءَ وٽ ھلون ۽ ماڙيءَ جو مطالبو ڪريون. پوءِ تہ ٻئي ڄڻا (زال ۽ مڙس) جبلن ۾ ھليا ۽ لومڙيءَ کي ڳوليندا رھيا. ڪڏھن ان کي سڏ ڪري چئي رھيا ھئا تہ: ڏاھي لومڙي! اجھو اسان آيا آھيون. تون جلدي اچي اسان سان مل ۽ مطالبو ٻڌ!

پوءِ تہ پھاڙن ۾ پنڌ ڪندي، جبلن ۾ ھلندي، جتيون گسائيندا رھيا پر ھنن کي لومڙي نظر ئي نہ آئي. ڀلا اتي لومڙي ھجي، تہ ڏسڻ ۾ اچي. ھن لومڙيءَ مان جڏھن رسو نڪتو ھو، تڏھن ئي ڀڄي وئي ھئي. ھن تہ پنھنجي جان ڇڏائڻ خاطر پاڻ کي جادوءَ جي لومڙي چيو ھو.

گھڻي پنڌ ڪرڻ سبب ٻئي زال ۽ مڙس ڏاڍا ٿڪجي پيا ھئا. اتي زال، مڙس کي چيو تہ: تون صفا چريو

چرڪٽ چٽبين، جو لومڙيءَ کي ائين ڇڏي ڏنئي. هن کان سندس سچائيءَ جو ڪو ضامن بہ نہ ورتئي.

مڙس وراڻيو: تون وري ڪهڙي سياڻي آهين، تون تہ مون کان بہ ڏهہ دفعا وڌيڪ بي عقل چٽبيئن، جو ماڙيءَ جي خيالن ۾ ئهيل گھر اماڙي ڏئي ساڙي ڇڏيئي. پوءِ تہ ٻنهي ڏاڍو پڇتايو، جو پراون ڳوڙن ڏئن تي لڳي؛ گھر اجايو ساڙيوسين.

بي شڪر گڏھ

ڪنھن جھنگ ۾ ھڪڙو پوڙھو ڪانير رھندو ھو. جيڪو ڪاٺيون ڪري پنھنجي ڏاريل گڏھ تي ڪٽي شھر ويندو ھو. ڪاٺيون وڪڻي گذر ڪندو ھو. ھڪڙي ڏينھن ڇا ٿيو جو، پوڙھو ڪانير جھنگ ۾ ڪاٺيون ڪري رھيو ھو. ڪجھ پريرو سندس گڏھ بيٺو ھو جيڪو سوچي رھيو ھو تہ: مون سان وڏو ناحق آھي، جو آءٌ روزانہ پيو ڪاٺين جو بار ڪٽان. جڏھن تہ ٻيا جانور، بنا بار ڍوئڻ جي بہ مزي سان زندگي گذاري رھيا آھن. مون ڪھڙو ڏوھ ڪيو، جو روزانہ ھن تڪليف ۾ پيو پيڙجان؟

اھو سوچي گڏھ ڪانير وٽان ڀڄي ھليو ويو ۽ فيصلو ڪيائين تہ: ھو بہ جھنگ جي ٻين جانورن وانگر آزاديءَ سان ۽ مزي ۾ ٻاقي حياتي گذاريندو.

ھلندو وڃي ھلندو وڃي. ڇا ڏسي تہ، ھڪڙو ڪڪڙ آھي، جو مزي مزي سان بانگون بيٺو ڏئي. گڏھ دل ۾ چيو تہ: آءٌ بہ ڇو نہ ڪڪڙ وانگر بانگون ڏيندي مزي سان وقت گذاريان. اھو سوچي، وات ڦاڙي بانگ ڏيڻ شروع ڪيائين. پر ھن کي ڪڪڙ وانگر بانگ ڪيئن اچي؟ ھبو

وڏي واڪي هينگون پئي ڪيائين. بي سُرين دانهنِ تي جهنگ جا جانور اچي مڙيا. پکي بہ اچي پهتا. ڳڌھ جي چوڌاري چوپول مچي ويو. هرڪو ڪاوڙ مان چئي رهيو هوس تہ: هيءَ ڪهڙي شرافت آهي، جو صبح سان آنَ نہ پاڻي، هينگون ڏئي اسان جو سک اچي ڦٽايو اٿئي.

پوءِ تہ ڳڌھ بانگن وارو ڪم ڇڏي اڳتي وڌيو. هلندو وڃي هلندو وڃي تہ اڳتي، پولن کي ڏٺائين، جيڪي وڻن تي چڙهي مزي سان پيا ٽا نچن ٽپن ۽ ميوا پٽي کائن ۽ هيڏيَ هوڏي اڇلائين. اهڙو لقاءُ ڏسي، دل ۾ چيائين تہ: هنن پولڙن جي ڪهڙي نہ زندگي مزي واري آهيِ. آءٌ بہ اهڙي زندگي گذارڻ ٿو چاهيان. پوءِ تہ هڪڙي وڻ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر هيٺ اچي ڦهڪو ڪيائين. پلا ڳڌھ کي چنبا تہ ڪونہ هئا. هن کي هئا کُرَ. سو وڻ تي ڪيئن چڙهي سگهي ۽ ڪيئن وڻن تي نچي ٽپي سگهي!

پوءِ ڏکُ پڇائي اٿيو ۽ اڳتي وڌيو. هلندو وڃي هلندو وڃي تہ آڏو سيهڙن جي ولر تي نظر پيس. جيڪي زمين کي کوٽي ڏرين ٺاهڻ ۾ مشغول هئا. ڳڌھ چيو تہ: آءٌ بہ ڇو نہ هنن سيهڙن وانگر ڏرِ کوٽي، اتي رهي مزي سان زندگي گذاريان. پوءِ زمين تي کُرن سان دڙها هڻڻ لڳو. پر ڳڌھ جي کرن سان زمين ڪيئن کوٽجي ۽ ڏر ڪيئن ٺهي؟ اهو حال ڏسي ڏاڍو بيچڙو ٿيو ۽ اڳتي وڌيو.

هلندو وڃي هلندو وڃي تہ: آڏو رڇ کي ڏٺائين جيڪو

ماڪي لاهي اُن مان چنبو پوڙي مزي سان چٽي رهيو هو. اهڙو لقاءُ ڏسي، گڏهه جو وات پاڻي پاڻي ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو تہ: رڇ واري زندگي سٺي چئبي. آءٌ بہ ماڪيون لاهي مٺي ماکي چَٽي، وات مٺو ڪري، مزي سان هٽ پيو وقت گذاريندس. آزاديءَ سان پيو گهمندس.

چا ڪيائين جو هڪڙي ماکي تاڙي، ان کي چَٽڻَ لاءِ پوٿ وجي ماکيءَ ۾ هنيائين. پوءِ تہ زهريلن مکن اچي ورتس، چوڏاري چنبڙي ويس. هاڻي گڏهہ کان مٺي ماکي تہ وئي وسري. پر ڏنگن کان پاڻ بچائڻ خاطر ٽپ ۽ ڪُڏ پئي ڏنائين. ان سان گڏ دانهون ۽ هينگون بہ پئي ڪيائين تہ: مون بس ڪئي، مون کي ڇڏيو. پلائي ڪريو مون کي ڇڏيو. ائين ڪُڏ ڏيندي وجي پاڻيءَ جي هڪڙي ڪڏ ۾ ڪريو.

اتفاق سان پوڙهو ڪانير گڏهہ کي ڳوليندي ان مهل اتي اچي پهتو ۽ پنهنجي گڏهہ کي سجاٽي پاڻيءَ ۾ گپ مان ڪڍيائينس. صاف پاڻيءَ سان ڌوئي، گپ لاٿائينس. ڳِٽ ڳِٽ ڪري پاڻ سان وٺي ويس. پوڙهي پٺيان هلندي گڏهہ سوچي رهيو هو تہ: وري بہ مون کي هيءُ پوڙهو ڪانير ڪم آيو. جنهن مون سان خير خواهي ڪئي. آءٌ هميشه هن جون ڪانيون ئي ڍوئيندو رهندس. هرهڪ جاندار کي الله تعاليٰ ڪنهن خاص ڪم ۽ خاص زندگيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي. ان لاءِ اهائي زندگي بهتر آهي، جنهن لاءِ هو پيدا ٿيو آهي. ٻين سان رِيس ڪري، ويتر بچڙو ٿيٺو آهي.

روشني پبلڪيشن طرفان ”روشني ٻارن لاءِ“ سلسلو هڪ نئين روشني ٻڌجي نروار ٿيو آهي. ڪو دور هو جو سنڌ ۾ پرڏيهي ادب جو لفظ استعمال ڪرڻ وقت عربي ادب جو تصور به ڪونه ايندو هو. بلڪ عربي ٻوليءَ ڪي محض مذهبي ٻوليءَ جي روپ ۾ ڏٺو ويندو هو. هن ڪتاب ۾ ٻاراڻي عربي ادب جون چونڊ آکاڻيون پيش ڪري روشني پبليڪيشن نه رڳو ٻارن لاءِ تمام سٺيون آکاڻيون پيش ڪيون آهن، پر سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ عربي ٻوليءَ جو ادبي ۽ سماجي پهلو به روشن ڪيو آهي. ٻاراڻو ادب نالي ۾ ته ٻارن لاءِ هوندو آهي، پر ان ۾ وڏيءَ عمر وارن لاءِ پڻ وڏي وٿ هوندي آهي.

هن آکاڻين جو عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو سائين محمد قاسم سومري ڪيو آهي، جيڪو نه رڳو ٻاراڻي ادب تي ايوارڊ حاصل ڪري چڪو آهي، پر ٻارن جي اخلاقي ۽ تعليمي تربيت ۾ عمر به ڳاري چڪو آهي. اميد ته سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل هي آکاڻيون، ادبي ڪيتر ۾ هڪ نئون باب ۽ ٻارن جي اخلاقي تربيت ۽ علمي ڄاڻ ۾ انقلاب جو اهڃاڻ ثابت ٿينديون.

حافظ غلام مصطفيٰ
ليڪچرار عربي ادب
سنڌ مسلم آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج، ڪراچي

روشني ٻارن لاءِ

ڪهاڻيون

قيمت   رپيا

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَــنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَــنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَــن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجههَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)